# زندگي جو مقصد

21-February-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)



هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# زندگي جو مقصد

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضورِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايائون: جيڪو مون تي سڄي ڏينهن ۾ پنجاهه (50) ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس (يعني هٿ ملائيندس)-** (القربۃ،ابن بشکوال،ص۹۱،حدیث:۹۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**(المعجم الکبیر،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندَس ۞

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُاللهَ , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره بِڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال ڪان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجھ ٻُڌندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!زندگي الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، هر نعمت جو ڪو نہ ڪو استعمال (Use) هوندو آهي، هن زندگي جو بہ ڪجھ نہ ڪجھ استعمال (مقصد) ضرور آهي- تنهنڪري جيڪا اسلامي ڀيڻ پنهنجي اڳيان هڪ خاص مقصد رکي زندگي گذاريندي آهي تہ هو ان مقصد ۾ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪامياب ٿي ئي ويندي آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن سبب ان مقصد ۾ ڪاميابي نہ بہ ملي تہ مقصد کي ماڻڻ جي جدو جهد مقصد جي ويجهو ضرور ڪندي آهي- اڄ اسان جي بيان جو موضوع آهي ”زندگي جو مقصد“ اسان جي زندگي جو مقصد ڇا آهي؟ اهو اڄ اسان ٻڌنديون سين- اسان هن مقصد کي ماڻڻ جي لاءِ ڇا ڪجھ عمل ڪري رهيا آهيون ۽ ٻيا ڪهڙا عمل ڪري سگهون ٿيون؟ هن تي بہ ڪجھ مدني گل بيان ڪيا ويندا- اسان جي بزرگن جو زندگي گذارڻ جو ڪهڙو انداز هو ۽ اسان پنهنجي زندگي ڪهڙي نموني گذاري رهيون آهيون، هن بابت بہ ڪجھ مدني گل اڄ جي بيان ۾ پيش ڪيا ويندا- دِلجمعي سان ۽ سٺين سٺين نيتن سان اوّل ڪان آخر بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو، دنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جا ڪيئي مدني گل حاصل ٿيندا- اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عبادتِ الٰهي ۽ ان جو بدلو

حضرت سيدُنا عامر بن عبدالله رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ تابعين مان هئا، سندن زندگي جي آسائشن ۽ لذتن کي ڇڏي ڏنو هو- پاڻ گهڻا باحيا، تمام عيبن ڪان پري ۽ الله

پاڪ جا ولي هئا- حضرت سيدُنا عامر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي معمولات مان هو تہ رات قيام ۾ گذاريندا هئا ۽ ڏينهن روزي جي حالت ۾ گذاريندا هئا- حضرت سيدُنا عامر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجو پاڻ تي روزانو هڪ هزار رڪعت (نفل) پڙهڻ لازم ڪري رکيو هئائون- سج اڀرڻ ڪان وٺي عصر تائين مسلسل نماز ۾ مشغول رهندا هئا، جڏهن موٽندا هئا تہ پير ۽ پيڊيون سُڄيل هونديون هيون- پنهنجي نفس کي چوندا هئا: اي نفس! اي بُرائي جو حڪم ڏيڻ وارا! تو کي تہ صرف عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي- خدا جو قسم! مان توکي مسلسل عمل ۾ لڳائي رکندس ايستائين جو بستر بہ توکان پنهنجو حصو وصول نہ ڪري سگهندو (يعني آرام نہ ڪندس)-

هڪ ڀيري حضرت سيدُنا عامر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وادي سباء ڏانهن ويا، اتي هڪ حبشي عابد (عبادت گذار) بہ رهندو هو جيڪو هن ويراني ۾ عبادت ڪندو رهندو هو- حضرت سيدُنا عامر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وادي جي هڪ ڪنڊ ۾ ۽ اهو عابد ٻي ڪنڊ ۾ مشغولِ عبادت ٿي ويا- چاليهہ (40) ڏينهن ۽ چاليهہ (40) رات تائين ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن متوجہ نہ ٿيا- جڏهن فرض نماز جو وقت ٿيندو هو تہ باجماعت نماز ادا ڪندا هئا پوءِ پنهنجي پنهنجي جڳهہ وڃي نفل ۾ مشغول ٿي ويندا هئا- 40 ڏينهن کان پوءِ ان حبشي بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه حضرت سيدُنا عامر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان پڇيائون: اي عامر! ڪهڙي شيء اوهان جي لاءِ هلاڪت جو سبب آهي؟ فرمايائون: مون کي الله پاڪ کان حياء اچي ٿو تہ ان جي علاوه ڪنهن ٻي شيء کان خوف ڪيان-

هڪ ڀيري حضرت سيدُنا عامر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بيمار ٿيا تہ روئڻ لڳا- عرض ڪيو ويو: اوهان تہ وڏا پرهيزگار ۽ زاهد آهيو پوءِ ڇو پيا روئو؟ فرمايائون: مان ڇو نہ روئان ۽ مون کان وڌيڪ روئڻ جو حقدار ڪير آهي؟ الله پاڪ جو قسم! مان دنيا ڇڏڻ تي يا موت جي سختي سبب نہ پيو روئان بلڪ مان تہ ان ڪري روئي رهيو آهيان تہ سفر وڏو ۽ زادِ راه گهٽ آهي- (يعني آخرت جو سفر تمام ڊگهو آهي ۽ مون وٽ نيڪيون نہ آهن)

حضرت سيدُنا مالڪ بن دِينار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص ڪنهن کي خواب ۾ نِدا ڏيندي ٻڌو تہ ماڻهن کي آگاه ڪري ڇڏيو حضرت سيدُنا عامر بن عبدالله رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي الله پاڪ سان ملاقات ٿيندي ۽ جنهن ڏينهن انهن جي

ملاقات ٿيندي ان ڏينهن انهن جو چهرو چوڏهين جي چنڊ جيان روشن هوندو-

(حلية الاولياء، ١٤٢/١ تا ١٥٠ ملتقطاً و بتغير)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** يقيناً الله وارن جو انداز نِرالو هوندو آهي- جيئن ته اهي نيڪ ٻانها زندگي جي حقيقت کان واقف هوندا آهن، ان ڪري پنهنجي زندگي جو هڪ ئي مقصد نگاهه اڳيان رکندا آهن اهو آهي الله پاڪ جي عبادت ۽ ان جي اطاعت يعني الله پاڪ جي حڪم جي مطابق زندگي گذارڻ- انهن الله وارن جون زندگيون پوءِ هميشه انهيءَ مقصد جي چوڌاري گهُمندي نظر اينديون آهن ۽ اهي نه صرف پنهنجي هن مقصد ۾ ڪامياب ٿيندا آهن بلڪ انهن کي هن تي انعام به ملندو آهي-

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اسان به هن حقيقت کان واقف آهيون ته دنيا آخرت جي کيتي آهي، پر افسوس اسان آخرت بدران دنيا کي ئي ترجيح ڏيون ٿيون، دنيا جي لاءِ جيئون ٿيون، دنيا جي لاءِ منصوبا ٺاهيون ٿيون ۽ نتيجو هي نڪرندو آهي ته اسان زندگي جي مقصد کي وساري وينديون آهيون-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اهو سمجهڻ نهايت ضروري آهي ته اسان کي ڪنهن مقصد جي لاءِ ٺاهيو ويو آهي؟ ڇوته جيستائين ڪنهن شيءِ جو مقصد سمجهه نه اچي ان جو درست استعمال به نٿو ٿي سگهي-

قلم جو مثال وٺو، ڪيئي اسلامي ڀينرون پاڻ وٽ قلم رکنديون آهن، پر ڪيستائين؟ جيستائين اهو لکندو رهندو آهي، جيئن ئي قلم لکڻ بند ڪري ان جو مقصد ختم ٿي وڃي ته ڪا به اسلامي ڀيڻ ان کي پاڻ وٽ ناهي رکندي-

اهڙي طرح پيرن ۾ جوتا پاتا ويندا آهن، اهي جوتا پيرن جي زينت تيستائين رهندا آهن جيستائين اهي اسان جي لاءِ ارام ده ثابت ٿيندا آهن، جوتا ان وقت تائين استعمال ۾ رهندا آهن جيسيتائين اهي اسان جي پيرن کي گپ، مٽي،

ڏھول پٽرين وغيره کان محفوظ رکندا آھن، پوءِ ھڪ وقت ايندو آھي تہ جڏھن جُوتا يا چپل پُراڻا ٿي ويندا آھن يا ٽٽي ويندا آھن تہ انھن کي پيرن کان جدا ڪيو ويندو آھي، اھڙي طرح ھڪ تمام ڊگھي فھرست آھي- اسان زندگي جي مختلف شين کي ڏسنديون وجو، ھر شيءِ جيسيتائين پنھنجي مقصد تي قائم رھندي آھي، اسان ان مان فائدو ڪٽنديون آھيون جيئن ئي مقصد ختم ٿيندو آھي ان شيءِ کي بہ ڇڏيو ويندو آھي-

ڪڏھن اسان بہ غور ڪريون! اسان کي ڇو بڻايو ويو آھي؟ اسان بہ تہ الله پاڪ جي مخلوق آھيون، اسان کي اشرفُ المخلوقات قرار ڏنو ويو آھي، جڏھن سڀ مخلوق کي بنائڻ جو مقصد آھي تہ حضرت انسان کي پيدا ڪرڻ جو ڪھڙو مقصد آھي؟ ڇا ھن حسين و جميل، عقل مند ۽ شعور يافتہ انسان کي بي مقصد پيدا ڪيو ويو آھي؟ نہ نہ! ھن انسان کي پيدا ڪرڻ جو بہ ڪو مقصد آھي- جيئن سپاري 18 سورة المُؤمِنُون آيت نمبر115 ۾ ارشاد آھي:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾ (پ:۱۸،المؤمنون:۱۱۵)

ترجمو ڪنزُالايمان: پوءِ ڇا توھان اھو سمجھيو آھي تہ اسان توھان کي بيڪار پيدا ڪيو آھي ۽ توھان کي اسان جي طرف موٽڻو نہ آھي.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جڻ اسان کي بيدار ڪيو پيو وڃي ۽ ٻڌايو پيو وڃي تہ ڪو سبب آھي جنھن جي لاءِ انسان کي پيدا ڪيو ويو آھي، انھيءَ مقصدِ تخليق (Purpose of Creation) کي سيپاري 29، سُورة الملڪ ايت 2 ۾ ھن طرح بيان ڪيو ويو آھي:

اَلَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ (پ۲۹، الملڪ۲)

ترجمو ڪنزُالايمان: اھو جنھن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي جيئن توھان جو امتحان ٿئي توھان مان ڪنھن جا ڪم وڌيڪ چڱا آھن

## زندگي جي آمد براءِ بندگي!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ھن آيت مان معلوم ٿيو تہ (زندگي ۾) انسان جو ھر عمل خالص الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ شريعت جي بيان ڪيل طريقي جي مطابق ھئڻ گھرجي- (صراط الجنان، ۲۳۹/۱۰) يعني اسان اھو بہ چئي

سگهون ٿا تہ ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو اسان وڌ کان وڌ نيڪيون ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو پنهنجي اندر خوفِ خدا پيدا ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو پنهنجي اندر حُسنِ اخلاق پيدا ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو زُهد ۽ تقويٰ اختيار ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو عاجزي ۽ انڪساري ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو اتباعِ شريعت جو جذبو بيدار ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو دل ۾ محبتِ الٰهي جو ٻج پوکيون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو الله پاڪ جي عبادت ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو تلاوتِ قران ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو درودِ پاڪ پڙهون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو نمازون پڙهون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو اسان باحيا بڻجون ۽ باحيا رهڻ جي ڪوشش ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو پاڻ ۾ اتباعِ رسول جو جذبو پيدا ڪريون، ❖ اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو اسان پنهنجي ڪردار کي مدني ڪردار ۾ بدليون، ❖ مطلب تہ! اها زندگي اسان کي ان ڪري ملي آهي جو ان کي الله پاڪ جي عبادت ۽ ان جي اطاعت ۾ گذاريون- ڪنهن فارسي شاعر ڇا تہ بهترين چيو آهي:

زِندگی آمد برائے بَندَگی      زِندگی بے بَندَگی شَرمندگی

*مختصر وضاحت:* يعني زندگي عبادت ڪرڻ جي لاءِ ملي آهي، بغير عبادت جي گذارڻ واري زندگي شرمندگي جو سبب آهي-

## وقت جي ناقدري

افسوس! صد افسوس! اڄ حالت عجيب ٿي وئي آهي، هر پاسي گناهن جي ڀرمار آهي، مسلمانن جو هڪ تعداد آهي جيڪو فضول ڪمن ۾ مبتلا ٿي وقت جهڙي عظيم ۽ انمول نعمت کي برباد ڪندي نظر ايندو آهي- ❖ دنيا جي مَحَبَّت ۽ فڪرِ آخِرت کان غفلت جي سبب مُسلمانن جو وڏو تعداد عِبادت واري شوق کان پري ٿيندو پيو وڃي- ❖ ❖ ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ مختلف چينلز تي فلمون ڊراما ڏسڻ جي لاءِ وقت ملي ويندو آهي، پر علمِ دِين سکڻ جي لاءِ 100 فيصد اسلامي چينل "**مَدَني چينل**" ڏسڻ ۾ نفس ۽ شيطان رُڪاوٽ بڻجي

ويندا آهن. ❖ ڪيئي عورتون اهڙيون هونديون آهن جو روزانو سوين لائينن تي مشتمل اخبار، ناول ۽ ڊائجسٽ پڙهي وٺنديون آهن پر مهينن جا مهينا قرآنِ ڪريم جون ڪجهه آيتون تلاوت جي سعادت ناهي ملندي، ڏينهن ۾ سوين سوين ميسيجز ٽائپ ڪري موڪلڻ وارين کي اذان جو جواب ڏيڻ جو موقعو ناهي ملي سگهندو- ❖ اَلغَرَض! ❖ هڪ تعداد آهي جيڪو دنيا جي لاءِ ته گهڻو متحرڪ ۽ تيز (Active) نظر ايندو آهي پر آخرت کي بهتر بڻائڻ ڏانهن توجهه ناهي ڪندو-

ٿورو سوچيو! خبر ناهي ته ڪهڙن عجيب عجيب ڪمن ۾ اسان پنهنجي وقت کي ضائع ڪري رهيون آهيون- جڏهن ته اهي ئي وقت ۽ اهي ئي لمحا اسان کي پنهنجي آخرت کي بهتر ڪرڻ ۾ صَرف ڪرڻ گهرجن- اچو! پنهنجي وقت جي قدر جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ وقت جي قدر دانن جا ڪجهه قيمتي ارشاد ٻڌون ٿيون:

## وقت جي قدردانن جا ارشاد

اميرُ المُؤمِنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، علي المُرتَضٰي شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: ”هي ڏينهن توهان جي حياتي جا ورق آهن، انهن کي سٺن عملن سان سينگاريو-

حضرتِ سيدُنا عبدالله ابنِ مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: مان پنهنجي زندگي جي گذريل ان ڏينهن جي مقابلي ۾ ڪنهن شيءِ تي پشيمان ناهيان ٿيندو جيڪو ڏينهن منهنجي نيڪ عملن ۾ اضافي کان خالي هجي-“

حضرت سيدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: روزانو اوهان جي عمر لاڳيتو گهٽ ٿيندي پئي وڃي ته پوءِ نيڪين ۾ سستي ڇو ٿا ڪريو؟ هڪ پيري ڪنهن عرض ڪيو: يا امير المومنين! اهو ڪم اوهان سڀاڻي ڪجو، ارشاد فرمايائون: مان روزانه جو ڪم هڪ ڏينهن ۾ وڏي مشڪل سان ڪري سگهان ٿو جيڪڏهن اڄ جو ڪم به سڀاڻي تي ڇڏي ڏيان ته پوءِ ٻن ڏينهن جو ڪم ڪيئن ڪري سگهندس؟

حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: وقت تلوار جيان آهي توهان هن کي (نيڪ عملن جي ذريعي) ڪٽيو نه ته (فضوليات ۾ مشغول ڪري) اهو توهان کي ڪٽي ڇڏيندو- (انمول هيرے، ص۱۶،۱۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي گهرجي تہ پنهنجي وقت جي قدر ڪريون ۽ پنهنجي زندگي جي مقصد کي ماڻڻ جي لاءِ ان جو بهترين استعمال ڪريون- وقت هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪو روڪڻ سان ناهي رڪندو- تنهنڪري عقل مند اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي زندگي جي مقصد کي ماڻڻ جي لاءِ وقت جو دُرست استعمال ڪري-

جيڪڏهن اسان غور ڪريون تہ معلوم ٿيندو آهي تہ اڄڪلهہ هر شخص زندگي ۾ طرح طرح جا منصوبا ٺاهيندو رهندو آهي يعني پلاننگ (Planning) ڪندو آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جي جستجو جاري هوندي آهي-

## دل ۾ مقصد هئڻ گهرجي

مثال طور ڪو طالب علم (Student) هجي تہ ان اهو سوچيو هوندو آهي تہ پهريان ميٽرڪ مڪمل (Complete) ڪرڻي آهي- ميٽرڪ ڪليئر ڪرڻ کان پوءِ اهو طئي ڪندو آهي تہ مون کي اعليٰ تعليم ۾ ڪيستائين وڃڻو آهي- اهڙي طرح هو هڪ سڄو منصوبو ٺاهي پوءِ پنهنجي هدف ڏانهن وڌڻ جي لاءِ ڪوشش شروع ڪندو آهي-

اهڙي طرح ڪو واپاري (Businessman) جڏهن پنهنجو بزنس شروع ڪندو آهي تہ سوچيندو آهي تہ اڄ هڪ دڪان آهي، مون کي اهڙي محنت ڪرڻي آهي جو مان پنهنجون ڪجهہ نيون شاخون (Branches) بہ کولي سگهان- جڏهن ايتريون شاخون کوليندس تہ پوءِ پنهنجو ڪارخانو ۽ فيڪٽري لڳائي وٺندس، جڏهن هڪ فيڪٽري ٿي ويندي تہ پوءِ ايندڙ سالن ۾ مون کي بہ فيڪٽريون ڪرڻيون آهن، اهڙي طرح هڪ بزنس مين پنهنجو هدف ٺاهيندو رهندو آهي ۽ پنهنجي مقصد کي ماڻڻ جي لاءِ انهن ڏانهن سفر ڪندو رهندو آهي-

اهڙي طرح ڪجهہ ماڻهو پنهنجي ٻارن ٻچن (Family) جي لاءِ بہ ڪجهہ منصوبہ سازي (Planning) ڪندا نظر ايندا آهن، تہ منهنجا ٻار آهن، مون کي انهن کي ڇا ٺاهڻو آهي، ڪيئن پڙهائڻو آهي، ڪيئن انهن جي تربيت ڪرڻي

آهي، ڪيئن انهن جي مستقبل کي سنوارڻو آهي، ڪيئن انهن کي هڪ ڪامياب انسان بڻائڻو آهي- وغيره وغيره

ياد رکو! پلاننگ (Planning) ٻه طرح جي ٿيندي آهي، هڪ اها جيڪا اسان پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن ۽ پنهنجي ڪاروبار جي لاءِ بڻائي رکي آهي- جڏهن ته ٻي اها پلاننگ آهي جنهن ڏانهن دِين ۽ شريعت اسان جي رهنمائي ڪن ٿا- جنهن ڏانهن قرآن ۽ حديث رهنمائي ڪن ٿا ۽ جيڪا اسان کي پنهنجي بزرگن جي زندگين ۾ نظر ايندي آهي-

## الله وارن جي زندگي جو انداز

اي ڪاش ته اسان ڪڏهن اهو ٻه ڄاڻي وٺون ته اسان جي بزرگن پنهنجون زندگيون ڪيئن گذاريون، اي ڪاش جو اسان اهو سمجهڻ واريون بڻجي وڃون ته اسان جي بزرگن پنهنجي زندگين ۾ ڪن مقصدن کي پنهنجو هدف بڻايو ۽ انهن هدفن کي ماڻڻ جي لاءِ ڪيترو زبردست منصوبو بڻايو- اچو! پنهنجي بزرگانِ دين جا ڪجهه واقعا ٻڌون ٿيون:

## اي نفس توکي مبارڪ!

حضرتِ رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا تمام وڏي وليه هيون- وڏي عبادت گذار ۽ شب بيدار (يعني راتين جو جاڳي عبادت ڪرڻ واري) خاتون هئي- انهن پنهنجي زندگي عبادت ڪرڻ ۾ ئي گذاري ڇڏي هئي- انهن جو معمول هو ته جڏهن رات ٿيندي هئي ۽ سيئي ماڻهو سمهي پوندا هئا ته پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪري چوندي هئي: ”اي رابعه! (ٿي سگهي ٿو ته) اها تنهنجي زندگي جي آخري رات هجي، ٿي سگهي ٿو ته توکي سڀاڻي وارو سج ڏسڻ نصيب نه ٿئي تنهنڪري اُٿ ۽ پنهنجي ربّ ڪريم جي عبادت ڪر ته جيئن سڀاڻي قيامت ۾ توکي ندامت کي منهن نه ڏِيڻو پوي، همت ڪر! ننڊ نه ڪر! جاڳي پنهنجي ربّ جي عبادت ڪر!“ اهو چوڻ کان پوءِ پاڻ بيهي رهنديون هيون ۽ صبح تائين نفل ادا ڪنديون هيون- جڏهن فجر جي نماز ادا ڪنديون هيون ته پنهنجو پاڻ کي ٻيهر مخاطب ڪري فرمائينديون هيون: ”اي منهنجا نفس! توکي مبارڪ هجي ته گذريل رات تو وڏي مشقت ڪنئي پر ياد رکجان ته اهو ڏينهن تنهنجي زندگي جو آخري ڏينهن ٿي سگهي ٿو- اهو چئي ٻيهر عبادت ۾ مشغول ٿينديون هيون ۽ جڏهن ننڊ جو غلبو ٿيندو هو ته بيهي گهر ۾ هلڻ

شروع ڪنديون هيون ۽ گڏوگڏ پاڻ کي چونديون هيون: رابعہ! اها بہ ڪا ننڊ آهي، هن جو ڇا لطف؟ ان کي ڇڏي ڏي ۽ قبر ۾ مزي سان وڏي عرصي جي لاءِ ستل رهجان، اڄ تہ توکي گهٽي ننڊ نہ آئي پر ايندڙ رات ۾ ننڊ خوب ايندي، همت ڪر ۽ پنهنجي ربّ کي راضي ڪر- هن طرح ڪندي ڪندي پاڻ پنجاهہ (50) سال گذاري ڇڏيا جو پاڻ نہ ئي ڪڏهن بستر تي آرام ڪيائون ۽ نہ ئي ڪڏهن وهاڻي تي مٿو رکيائون ايستائين جو سندن وفات ٿي وئي-
(خوفِ خدا،ص:۹۴)

حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا جي هڪ ٻانهيءَ وصال جي هڪ سال بعد انهن کي خواب ۾ هن حال ۾ ڏٺو جو پاڻ جَنَّت جي اَعليٰ دَرَجن ۾ آهن ۽ سبز ريشم جو بهترين لباس پاتل آهي ۽ سبز ريشم جي پوتي پاتل آهي- ٻانهيءَ جو بيان آهي تہ الله پاڪ جو قسم! مون ڪڏهن اهڙو خُوبصورت لباس نہ ڏٺو جيئن حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا کي پاتل هو- (عيون الحكايات، ۱۶۸/۱، ملتقطاً)

## اهي مقتول ڪير آهي؟

الله جا ولي حضرت سَيدُنا ربيع بن خُثَيم رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سڄي زندگي مقصدِ زندگي (Purpose of Life) کي ماڻڻ ۾ گذاري- حضرت سَيدُنا ربيع رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ تابعين مان هئا، مشهور صحابي رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا خاص شاگرد هئا- ڪثرت سان عبادت ڪرڻ سندن معمول هو، خوفِ خدا جي ڪري سندن حالت اها هئي جو موت قبر ۽ آخرت جي علاوه ڪجھ ياد نہ رهندو هو- سندن هڪ شاگرد جو بيان آهي: حضرتِ سيدُناربيع بن خُثَيم رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ زلفون سجايل هيون (يعني زلف مبارڪ هئا)- شام جي وقت جڏهن گهر تشريف کڻي ويندا هئا تہ اسان سندن وارن ۾ نشاني رکندا هئاسين- جڏهن صبح ٿيندو هو تہ اها نشاني ساڳي حالت ۾ برقرار رهندي هئي- هن سان اسان سمجهي ويندا هئاسين تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سڄي رات بستر تي نہ ليٽيا ۽ سڄي رات عبادت ۾ گذاري آهي-

حضرتِ سيدُنا ربيع رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي والده ماجده انهن کي (سڄي رات عبادت ۾ مشغول ڏسنديون هيون تہ) فرمائينديون هيون: اي پٽ ربيع! توهان سمهو ڇو نٿا؟ عرض ڪندا هئا: اي امڙ سائڻ! جنهن تي رات ڇائنجي وڃي ۽ ان کي رات جو مرڻ جو خوف هجي تہ ان کي گهرجي تہ رات جو نہ سمهي- ڪجھ دير کان پوءِ جڏهن والده روئڻ جو آواز ٻُڌو ۽ شب بيداري ڏٺي تہ چيائين: اي پٽ! (تنهنجو

روئڻ ته اهڙو آهي ته) شايد تو ڪنهن ڪي قتل ڪيو هجي؟ حضرت سيدُنا ربيع رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ عرض ڪيائون: جي ها، اي امڙ! (ائين ئي آهي) مون ڪنهن ڪي قتل ڪيو آهي- والده پڇيائين: اهو مقتول ڪير آهي؟ ته جيئن ان جي وارثن سان سفارش ڪئي وڃي ته جيئن اهي توهان کي معاف ڪن- الله پاڪ جو قسم! جيڪڏهن هن مقتول جي وارثن کي توهان جي آهه وزاري ۽ شب بيداري ڪرڻ معلوم ٿي وڃي ته اهي تو تي رحم ڪندي ضرور توکي معاف ڪري ڇڏين- عرض ڪيائون: امڙ سائڻ! اهو مقتول ٻيو ڪو ناهي بلڪ منهنجو نفس آهي- ( الله والون ڪي باتين،١٨٣/٢ تا ١٨٥ملتقطاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن ۾ ڪو شڪ ناهي پنهنجي زندگي جي مقصد کي ماڻڻ جي لاءِ اولياءِ ڪرام جو طرزِ زندگي اسان جي لاءِ بهترين نمونو آهي، هي اهي ماڻهو هئا جيڪي رِضاءِ الٰهي جي لاءِ هميشه تيار رهندا هئا، هي اهي ماڻهو هئا جيڪي دنيا کان پري رهي آخرت جي تياري ڪندا هئا، هي اهي ماڻهو هئا جيڪي دنيا ۾ رهندا هئا پر دنيا جا نه ٿيندا هئا، هي اهي ماڻهو هئا جيڪي علم وعمل جا پيڪر هئا، هي اهي ماڻهو هئا جن پنهنجي عملي زندگي سان اسان کي سبق ڏنو آهي ته هڪ مسلمان دنيا کي آخرت جي کيتي ڪهڙي طرح بڻائي سگهي ٿو، هي اهي ماڻهو هئا جن پنهنجي مدني سوچ ۽ مدني ڪردار جي ذريعي ثابت ڪيو ته هڪ مسلمان کي دنيا ۾ ڪهڙي طرح رهڻ گهرجي- جيڪڏهن اسان انهن کي پنهنجو آئيڊيل بڻائي وٺون ته مقصدِ حيات کي ماڻڻ ڪافي آسان ٿي سگهي ٿو-

## ملِڪ العلماء جو تذڪرو

انهن نيڪ صفت ماڻهن مان هڪ شخصيت ملڪ العُلَماء، خليفَ اعليٰ حضرت علامہ مولانا مفتي ظفر الدين بهاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پڻ آهن- انهن رضاءِ الٰهي کي زندگي جو مقصد بڻائي حصولِ علم ۽ تبليغِ دين ۾ سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي- حضرت علامه ظفرالدين بهاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ گهڻا نيڪ ۽ تقويٰ و پرهيز گاريءَ جا پيڪر هئا- حضرت علامه ظفرالدين بهاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو آخري عمر تائين اهو معمول رهيو ته فجر کان پهريان بيدار ٿيندا هئا ۽ نمازِ فجر جي تياري ڪري،

سنتون پڙهي وظيفن ۾ مصروف ٿي ويندا هئا، پوءِ جماعت سان نماز پڙهي مختصر وظيفا پڙهندا هئا، پوءِ صبح جي سير جي لاءِ ويندا هئا تڏهن به ذکرِ الٰهي جاري رهندو هو- حضرت علامه ظفرالدين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نمازِ باجماعت جا وڏا پابند هئا، حضرت علامه ظفر الدين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سنّتن جا شيدائي ۽ مستحب تائين جي پابندي ڪرڻ وارا بزرگ هئا-

حضرت علامه ظفرالدين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي علم جي فروغ ۽ درس و تدريس جو هميشه کان شوق رهيو- سندن جو هڪ باورچي (Cook) هو جيڪو پڙهيل لکيل نه هو، پر مولانا ظفرالدين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تبليغ علم ۽ تبليغ دين جو اهڙو شوق رکندا هئا جو پاڻ پنهنجي مصروفيت مان وقت ڪڍي ان باورچي کي قرآنِ ڪريم جا ڪيئي سيپارا پڙهايا هئا- اهي عظيم بزرگ، عالم، مفتي بلڪ سوين عالمن جا استاد تقريباً 80 سال جي ڪامياب عمر گذاري 19 جمادي الاخريٰ 1382 هجري جو اسمِ جلالت الله الله جو ذڪر ڪندي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا- (ملک العلماء،ص۶۰ تا ۷۲ ملتقطاً) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي- اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مجلس "شعبہ تعليم"

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن ۾ شڪ ناهي ته الله وارن جي ذڪر سان جتي الله پاڪ جون رحمتون نصيب ٿين ٿيون، اتي انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جو به جذبو نصيب ٿيندو آهي- يقيناً جيڪڏهن اسان اللهِ وارن جي نقشِ قدم تي هلڻ شروع ٿي وجون ته الله پاڪ جي رحمت سان اُميد آهي ته اسان پنهنجي مقصدِ حقيقي ۾ ڪامياب ٿي الله پاڪ جي رحمتن جون حق دار بڻجي ونديون سين- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ انبياءِ ڪرام، صحابہ ڪرام، تابعينِ عظام ۽ اولياءِ ڪرام جي نقشِ قدم تي هلڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي، اوهان به هن مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ نيڪ بڻجڻ ۽ فڪرِ آخرت ۾ تڙپڻ جو ذهن بڻجندو- عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جتي سڄي دُنيا ۾ مسلمانن کي نيڪي جي ڪمن ڏانهن گامزن ڪري رهي آهي، اتي گورنمنٽ ۽ پرائيويٽ اسڪولز، ڪالجز، يونيورسٽيز ۽ مُختلف تعليمي اِدارن سان وابسته ماڻهن کي دعوتِ اسلامي سان وابسته ڪندي انهن کي سُنّتن جي مُطابق زندگي گذارڻ جي لاءِ مجلس شعبہ تعليم جو قيام عمل ۾ آندو ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن جي به هن حوالي

سان مجلس قائم آهي جنهن جو بُنيادي مَقصَد انهن اِدارن سان وابستہ ماڻهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي سُنّتن جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻو آهي، اها مجلس ڪالجز ۽ يونيورسٽيز جي اُستادن (Teachers) ۽ شاگردن (Students) سان سنين سنين نيتن سان تعلقات قائم ڪري انهن کي نبي ڪريم، روف و رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سُنّتن سان روشناس ڪرائيندي آهي،

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڏينهن جو اعلان!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان زندگي جي مقصد جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيون سين- هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ زندگي جو جيڪو ڏينهن نصيب ٿئي ان کي غنيمت سمجهڻ گهرجي ۽ ان ۾ زندگي جي مقصدِ حقيقي کي ماڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي- اسان کي خبر ناهي تہ ايندڙ صبح اسان کي نصيب ٿيندو يا نہ؟ اسان کي خبر ناهي تہ سياڻي ماڻهو اسان کي ”جناب“ چئي سڏين ٿا يا ”مرحوم (Late)“ چئي ياد ڪن ٿا- اڄ ڪاروباري ماڻهن جي زبان تي اها ڳالهہ ٿيندي آهي جو جيڪو ڪجهہ ڪرڻو آهي جلدي ڪريو سيزن هلي رهيو آهي- بازار تيز آهي ،ان ڪري جيڪو ڪمائڻو آهي ڪمائي وٺو- يعني اها ڳالهہ دماغ ۾ هوندي آهي تہ وقت تيزي سان گذري رهيو آهي ۽ وقت جي اها ئي تيز رفتاري اسان کي پنهنجي موت جي منزل ڏانهن ڪٽي وڃي رهي آهي- قرآنِ پاڪ اسان کي ٻڌائي رهيو آهي، جيئن سيپاري 30 سوره اِنشِقاق جي آيت نمبر6 ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ۚ﴿۶﴾

ترجَمو ڪنزالايمان: اي انسان بيشڪ توکي پنهنجي رب جي طرف ضرور ڊوڙڻو آهي پوءِ ان سان ملڻو آهي

## منصوبہ سازي پر چا جي لاءِ ؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اسان جي منصوبہ بندي، سوچ ۽ فِڪر دُنيا جي دائري ۾ محدود ٿي رهجي وئي آهي جڏهن تہ ❖ **منصوبو تہ اسان کي اهو ڄاڻڻو هو تہ اسان کي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ڪهڙا عمل ڪٽي وڃڻا آهن؟**

★منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ اسان کي نيڪ عملن جي ڪثرت ڪيئن ڪرڻي آهي؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ آخرت کي ڪيئن بهتر بڻائڻو آهي؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ منڪر نڪير جي سوالن جي جوابن ۾ ڪاميابي ڪيئن ملي سگهي ٿي؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ قبر ڪيئن نورٌ عليٰ نور ٿي سگهي ٿي؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ جهنم جي هولناڪ عذاب کان ڪيئن بچي سگهون ٿيون؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ پُل صراط جي لاءِ بهترين سواري ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ حساب ڪتاب مان ڪيئن جان ڇُٽندي؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ اسان محشر جي سخت اُس مان ڪيئن بچي سگهون ٿا؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ اسان قيامت جي گرمي کان ڪيئن محفوظ رهي سگهون ٿيون؟ ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ قيامت جي بک اُڃ مان ڪيئن بچي سگهون ٿيون؟ اَلغَرَض! ❖ منصوبو تہ اسان کي اهو ڳاڻڻو هو تہ دنيا ۾ بهترين عمل ڪري جنت جو ابدي گهر ڪيئن حاصل ڪري سگهون ٿيون پر افسوس! اسان دنيا جي منصوبہ سازين ۾ لڳي ڪري مال ۽ دولت جي حرص ۾ پنهنجي مقصدِ حيات کي وساري ويٺيون سون-

ٿورو سوچيو! ❖ ڪڏهن اسان آخرت جو نفعو ماڻڻ جي لاءِ بہ ڪو منصوبو بڻايو آهي؟ ختمِ قرآن اسان ڪيترن ڏينهن ۾ ڪهڙي طرح سان ڪري سگهون ٿيون، ڪڏهن هن تي بہ عمل ڪيو آهي؟ ❖ پنج نمازون تہ فرض آهن ان جي علاوه تهجد، اوّابين ۽ اشراق وچاشت جي سعادت اسان کي ڪيئن حاصل ٿي سگهي ٿي ڇا ڪڏهن هن جو بہ سوچيو آهي؟ ❖ اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نفل روزا رکندا هئا، اسان هن سعادت کي ڪيئن حاصل ڪري سگهون ٿيون، ڪڏهن خيال ڪيو آهي؟ ❖ الله واريون ڪيئي ڪيئي راتيون نماز ۽ قيام ۾ گذاريندڀون آهن ڪڏهن اسان کي بہ اها سعادت حاصل ٿي آهي؟ ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ دين جو بنيادي فريضو آهي ڇا اسان بہ اهو سوچيو آهي تہ اسان ڪهڙي طرح نيڪي جي دعوت ۾ حصو وٺي سگهون ٿيون؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ❖ اسان زِندَگي جو مقصد تڏهن ئي ماڻي سگهون ٿيون، جڏهن زندگي بلڪ زِندَگي جي هر هر لَمحي جي قدر ڪريون- ❖ اسان زِندَگي جو مقصد تڏهن ئي ماڻي سگهون ٿيون، جڏهن هن فاني دنيا جي ڏوڪي

۾ مبتلا نہ ٿيون، ❖ اسان زِندَگي جو مقصد تڏهن ئي ماڻي سگهون ٿيون، جڏهن سون ۽ جَوَاهرات کان وڌيڪ قيمتي لَمحن جي ناقَدري نہ ڪريون، ❖ اسان زِندَگي جو مقصد تڏهن ئي ماڻي سگهون ٿيون، جڏهن پنهنجي شب وروز کي فُضُولِيات ۽ دُنياوِي عيشن ۾ ضائع نہ ڪريون، ❖ اسان زِندَگي جو مقصد تڏهن ئي ماڻي سگهون ٿيون، جڏهن انهن ڪمن کي ادا ڪرڻ ۾ هرگز سُستي جو مُظَاهرو نہ ڪريون، جن کي شريعت ڪرڻ جو حُڪم فرمايو آهي- ❖ اسان زِندَگي جو مقصد تڏهن ئي ماڻي سگهون ٿيون، جڏهن شريعت جي منع ڪيل ڪمن ۾ "اَگر مَگر" "پوءِ ته، جيئن ته" کان ڪم وٺڻ جي بدران هڪ لمحي جي بہ تاخير نہ ڪريون ۽ انهن کي ڇڏي ڏيون-

## مدني انعام نمبر 26 جي ترغيب

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **امير اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابوبلال محمداِلياس عطّار قادِري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ اَسان کي هن پُرفتن دور ۾ زندگي جي مقصد کي ماڻڻ جي لاءِ شريعت و طريقت جو جامع مجموعو بنام"مدني انعامات" عطا فرمايا آهن- جيڪڏهن هنن انعاماتِ تي عمل ڪيو وڃي تہ يقيناً نہ صرف دنيا موچاري ٿي سگهي ٿي بلڪ آخرت جون چڱايون بہ نصيب ٿي سگهن ٿيون- هر مدني انعام پنهنجي اندر دين تي عمل ۽ گناهن کان پاسو ڪرڻ جي زبردست تحريڪ رکي ٿو- جيئن مدني انعام نمبر 26 اسان کي هڪ تمام وڏي گناهہ کان بچائي ٿو، مدني انعام اهو آهي: ڇا اڄ توهان ڪٿي نا مَحرم مائٽن، نامَحرم پاڙيوارين ۽ پڻ ڍير سان معاذالله بي تڪلف ٿي کلي ڪري ڳالهائڻ جو ممنوع ڪم تہ نہ ڪيو؟ ڇا انهن جي سامهون اچڻ کان پاسو ڪيو ۽ انهن کان شرعي پردو ڪيو؟

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** ياد رکو! بي پردگي انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ رُسوا ڪندي آهي، بي پردگي ڪرڻ واري الله پاڪ جي نافرمانين ۾ وڌندي ويندي آهي، بي پردگي جي ڪري هر وقت دل و دِماغ ۾ شيطان سمايل رهندو آهي، بي پردگي جي ڪري عجيب بي سڪوني طاري رهندي آهي، بي پردگي جي ڪري نَفساني خَواهشات ۽ خيالات غالب رهندا آهن، لهٰذا پاڻ کي بي پردگي ۽ بدنگاهي جهڙن گناهن کان پري رکو ۽ پنهنجي زندگي جي مقصد کي پنهنجي اڳيان رکندي هن تي عمل جي ڪوشش ڪريو-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو ته! شيخ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي "101 مدني گل" مان سرمو پائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿيون. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: "سيني سرمن مان بهتر سرمو "اِثمِد" آهي جو اهو نظر کي روشن ڪندو ۽ پلڪون وڌائيندو آهي"- (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115) ❖ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروھ آهي ۽ زينت جو ارادو نه هجي ته ڪراهت ناهي- (عالمگيري ج 5 ص 359) ❖ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي- (مِراةُ المناجيح ج 6 ص 180) ❖ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کابي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو- (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو- ❖ عزت وارا جيترا به ڪم آهن سيئي اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سُرمو لڳايو پوءِ کابي اک ۾-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ **!آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع** جو موضوع آهي:”تذڪرهٔ صديقِ اڪبر“ جنهن ۾ اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **جو تذڪرو، تعارف، فضائل ۽ خصوصيات ۽** سندن زندگي جا واقعا ٻڌنديون سين-ضمناً ڪيئي مدني گل بہ پيش ڪيا ويندا- لهٰذا! **آئنده اربع بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي** بلڪ **اِنفرادي ڪوشش ڪري ڀين ڪي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي** زور **سان چئو:** اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد